SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريه 2014

# SINDH ACT NO. XVI OF 2014

# سنڌ شهيد سڃاڻپ ۽ تلافي ايڪٽ، 2014

# THE SINDH SHAHEED RECOGNITION AND COMPENSATION ACT, 2014

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان اور شروعات

Short Title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. سول ايوارڊ

Civil Award

3. (4) تلافي ايوارڊ

Award of Compensation

4. شهيد جي خاندان جي ڀلائيءَ خاطر ڪجهه قدم کڻڻ بابت سرڪار جا اختيار

Power of Government to take steps for the welfare of families of Shaeed person.

5. قاعدا ٺاهڻ جو اختيار

Power to make rules

6. ڏکيائين کي ختم ڪرڻ.

Removal of difficulty.

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 2014
# SINDH ACT NO. XVI OF 2014
# سنڌ شهيد سڃاڻپ ۽ تلافي ايڪٽ، 2014
# THE SINDH SHAHEED RECOGNITION AND COMPENSATION ACT, 2014

[11 جون 2014]

سنڌ صوبي جي اهڙن شهيدن کي ڪي مان ڏيڻ، سندن خدمتن جي مڃتا ڪرڻ ۽ ڪين ٿيل نقصان جي تلافي ڪرڻ وارو ايڪٽ، جن دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ خدمتون سرانجام ڏيندي، پنهنجي جانين جي قرباني ڏني.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اها تقاضا آهي تہ سنڌ صوبي جي انهن شهيدن کي مان ڏجي، سندن خدمتن جي مڃتا ڪئي وڃي جن دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ خدمتون سرانجام ڏيندي، پنهنجي جانين جي قرباني ڏني ۽ انهيءَ ڪري سندن وارثن کي ٿيل نقصان جي تلافي ڪئي وڃي،

ان ڪري هن ريت ايڪٽ جوڙيو پيو وڃي:

مختصر عنوان اور شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ شهيد سڃاڻپ ۽ تلافي ايڪٽ، 2014 (The Sindh Shaheed Recognition and Compensation Act, 2014) سڏيو ويندو.

(2) هي هڪدم نافذ العمل ٿيندو.

تعريف
Definitions

2. هن ايڪٽ جو مقصد، عنوان ۽ تناظر جي ابتڙ نہ هوندو تہ هيٺ ڄاڻايل لفظن جي تعريف هن طرح ٿيندي.

(الف) ”بااختيار“ (Competent Authority) جو مطلب آهي سنڌ جو وڏو وزير.

(ب) ”گورنمينٽ“ (Government) جو مطلب آهي سنڌ سرڪار.

(ت) قانون لاڳو ڪندڙ اداري (Law enforcement agency) جو مطلب آهي سنڌ پوليس، جيل پوليس (سنڌ رينجرز، فرنٽيئر ڪانسٽبلري) (Frontier Constabulary) ۽ جاسوسي واري تنظيم جنهن کي سنڌ صوبي ۾ حڪومت جي مدد لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي.)

(ث) ”قانوني وارث“ (Legal heirs) جو مطلب آهي شهيد جا ماءُ پيءُ، پٽ، ڌيءُ، ڀيڻ، ڀاءُ ۽ زال.

(ج) ”فرد“ (Person) جو مطلب آهي مقرر ڪيل سرڪاري ملازم يا حڪومت ماتحت ڪم ڪرڻ وارو، جنهن ۾ سنڌ پوليس ڊپارٽمينٽ جا ملازم يا قانون لاڳو ڪندڙ اداري جا عملدار جيڪي بدلي ذريعي سنڌ حڪومت جي زير دست ڪم ڪري ٿو.

(ح) ”شهيد“ (Shaheed) جو مطلب آهي اهو فرد جيڪو دهشتگردي جي خاتمي دوران خدمتون پيش ڪندي دهشتگرديءَ جو نشانو بڻجي يا دهشتگرد ٽولي هٿان ماريو وڃي ۽ جنهن کي ”شهيد“ جي نالي تي ظاهر ڪيو وڃي.

(خ) ”بعد از موت“ (Posthumous) جو مطلب آهي ايوارڊ اهڙن ماڻهن کي ڏنو وڃي جنهن خدمتون ڏيندي جان جي قرباني ڏني هجي.

سول ايوارڊ

3. (1) جيڪڏهن هن ايڪٽ جو نفس مضمون يالاڳو ڪيل

Civil Award

ٻي قانون جي ابتڙ آهي تہ پوءِ حڪومت کي اهو اختيار هوندو تہ اهڙن ماڻهن (مرد يا عورت) کي ان جي جان جي قرباني جي تلافي طور تي ايوارڊ ڏئي سگهي ٿي جيڪي خدمتون ڏيڻ دوران دهشتگرديءَ جو شڪار بڻيا هجن.

(2) شهيد جي بعد از موت گريڊ ۾ ترقي ڏئي سگهي ٿي.

(3) شهيد جي خدمتن جي بدلي ۾ سنڌ سرڪار وفاقي سرڪار کي جيئن هو مناسب سمجهي ان لاءِ سول، ملٽري يا پوليس ايوارڊ يا ميڊل ڏيڻ جي سفارش جي ڪري سگهي ٿي.

(4) سنڌ سرڪار وقتن بوقتن شهيد جي قانوني وارثن لاءِ ازالي طور مالي امداد متعين ڪري سگهي ٿي.

(5)ذيلي دفعہ (4) جي روشنيءَ ۾ سنڌ سرڪار مالي تلافي کان علاوه شهيد جي ٻن قانون وارثن کي نوڪري لاءِ گهربل قابليت جي شرطن ۾ رعايت ڏئي سرڪاري ملازمت ڏئي سگهي ٿي يا ان حوالي سان وڌيڪ جيڪو مناسب سمجهيو وڃي.

شهيد جي خاندان جي ڀلائيءَ خاطر ڪجهہ قدم کڻڻ بابت سرڪار جا اختيار
Power of Government to take steps for the welfare of families of Shaeed person

4. (1) شهيدن جي يا سنڌ پوليس جي خاندان جي ڀلائي جي لاءِ قدم کڻي سگهجن، سنڌ حڪومت شهيدن جي قانوني وارثن بابت ملڪي ۽ بين الاقوامي اسڪالرشپس، علاج معالج، مالي امداد، ڀلائي لاءِ امداد، سميت شهيدن جي قانوني وارثن کي پلاٽ يا زمين ڏيڻ جي حوالي سان هن ايڪٽ جي ذريعي سنڌ سرڪار جي اختيارن تي ڪا بہ پابندي يا حد مقرر نہ ڪئي ويندي.

(2)سنڌ سرڪار شهيدن جي خاندانن جي ڀلائي لاءِ فنڊ قائم ڪري سگهي ٿي.

قاعدا ٺاهڻ جو اختيار
Power to make rules

5. هن ايڪٽ جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار قاعدا ٺاهي سگهي ٿي.

| | |
|---|---|
| 6. جيڪڏهن هن ايڪٽ ۾ ڪنهن به لاڳو ڪرڻ جي حوالي سان جيڪڏهن ڪا ڏکيائي پيش رهي آهي ته ان لاءِ حڪومت گهربل حڪم جاري ڪري سگهي ٿي جيڪي هن ايڪٽ جي نفس مضمون ۽ مقصدن جي خلاف نه هجن. | ڏکيائين کي ختم ڪرڻ. Removal of difficulty |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**